# مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس خطيءَ جو اڀياس

## A simple study of ‘Homo-Structure words’ in Molvi Ahmed Mallah’s poetry

ڊاڪٽر الطاف جوکيو

**Abstract:**

Grasp over ‘figures of speech’ in Molvi Ahmed Mallah’s Sindhi Poetry is unmatchable and exceptional. It looks very clear that he was cut out for Classical Hindhi/ Sindhi Prosody along possessing great expertise over the Arabic Prosody.Lyrical translation of Quran Majeed named ‘Noor ul Quran’ and his mixed poetry named ‘Kulyat Ahmed’ are his best pieces of literally work in the light of different type of prosody. Whoever will read or listenhis sungVerses (Bait), Kafi, Odes (Gazal) and lyrical poems, would get mesmerized instantly and automatically.

No doubt, he excels at all other Sindhi poets in using ‘Homo-Structure Words’ (Tajnees Khatti). Tajnees Khatti exists in Arabic Script only which is a literally technique of using words in prose or poetry having same structural look or shape of letters with different location of dots as well as dissimilar sounds therein. It is very interesting to note here that this technique of Tajees Khatti is noncompatible technique with Roman as well as Devnagri scripted languages.

This paper is simply the data collection of Tajnees Khatti in Molvi Ahmed Mallah’s match-to-nothing poetry.

## اڀياس جو پسمنظر:

ان چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ جيترو تجنيسن ۽ صنعتن جو سگهارو استعمال آهي، سو ڪنهن بہ عَروضي شاعر وٽ نہ ٿو ملي. گهڻي قدر مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ تجنيس حرفيءَ جو استعمال تہ ڪمال جو آهي، جنهن سبب کيس ‘تجنيس حرفيءَ’ جو شهنشاه ڪوٺيو ويندو آهي. هتي سندس تجنيس خطيءَ جي دائري هيٺ سندس ڪم آندل لفظن جو جائزو ونجي ٿو. تجنيس خطيءَ مان مراد اهڙا لفظ ڪم آڻڻ آهن، جن جي لکڻ ۾ صورت ساڳي هجي، ليڪن ٽٻڪن جو فرق هجي، جيئن: ‘محبت، محنت ۽ مخنث’ يا ‘محرم ۽

مجرم' يا 'بر، تر، ٽر، پر' وغيره. ڇاڪاڻ لفظن جي لکت ساڳي بيهي ٿي، البت تلفظ ۾ فرق ٿيندو. ان اهڙي صورت وارن لفظن جي استعمال کي تجنيس خطي ڪوٺيو ويندو آهي. اهڙي وضاحت بعد جڏهن ڪتابن، بلڪ خاص طور تحقيقي ڪتابن ۾ ڇاڪاڻ تجنيس جو دائرو ڳولهجي ٿو ته ان ۾ ڪي مونجهارا به سامهون ٿا اچن. مرزا قليچ بيگ صاحب ان کي اکر جي گهر نسبت ورتو آهي. يعني اکر جو گهر ساڳيو هجي، باقي تلفظ جو فرق ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته ڊاڪٽر ام ڪلثوم جي تحقيقي مقالي ۾ ڏسجي ٿو ته 'خطي ۽ حرفي' ساڳي ڳالهه ٻڌائي وئي آهي. اهڙي صورت ۾ ان جي ڇنڊڇاڻ نهايت ضروري ٿي پئي آهي.

## اڀياس جا سوال:

- چا تجنيس خطي ۽ حرفي جي پاڻ ۾ ڪا ويجهڙائپ آهي؟
- چا تجنيس خطيءَ جا لفظ پيٽ جي صورت ۾ ساڳي شعر ۾ ڪم آندا ويندا آهن؟
- چا خطيءَ مان مراد 'اکر جو ساڳيو گهر' آهي؟

## اڀياس جو عمل:

تجنيس خطي، گهٽ ۾ گهٽ ڪن به ٻن لفظن جي پيٽ واري عمل کي چيو ويندو آهي، جن جي خط يعني لکت ساڳي هجي ليڪن تلفظ جي بنياد تي آواز ۾ فرق هجي. 'جامع سنڌي لغات' ۾ ان اصطلاح جي وضاحت هيٺين ريت ڏنل آهي:

> تجنيس خطي: ث. شعر جي مصرع ۾ هم صورت لفظن جي بدل سدل واري صنعت 'بين جي ميناج محبت قرب ڪان مون کي گهڻو تنهنجي بي قربي ۽ محنت جي جفا آهي لذيذ.'
> (بلوچ، 1981: 591)

جامع سنڌي لغات ۾ اصطلاح جي تشريح ۽ مثال واضح آهن. البت 'بي قربي' کي هيٺان ليڪ ڏئي ڏنو ويو آهي، جيڪو مناسب به ناهي ۽ مونجهارو به ڪري پيو. ساڳي تشريح 'نئين جامع سنڌي لغات' (بلوچ، 2004: 443) ۾ ساڳئي

انداز سان ڏنل آهي، ليڪن لفظ ’بي قربي‘ کي هيٺان ليڪ تڪر ناهي. ان صورت ۾ ’نئين جامع سنڌي لغات‘ ۾ تشريح ۽ مثال مناسب سڏبا. البت اها وضاحت ٿيل ڪونهي ته ڇاڻايل شعري مثال ۾ ڪهڙا لفظ تجنيس خطيءَ جو مثال هيٺ ايندا.بيشڪ ان شعري مثال ۾ ڄاڻايل تشريح پٽاندر ’محبت‘ ۽ ’محنت‘ تجنيس خطيءَ جو مثال آهي.

تجنيس خطيءَ جي وضاحت ’نور اللغات‘ اردو ۾ ’تجنيس‘ واري تشريح ۾ هيٺين ريت ڏنل آهي:

"تجنیس: (ع)۔ مانند ہونا۔ ہم جنس ہونا۔ یکساں کرنا۔1: ایک جنس کا ہم جنس ہونا۔2: صنایع لفظی میں دو لفظوں کا تلفظ میں مشابہ اور معنی میں متغایر ہونا۔ جیسے" آہنگ بمعنی قصد و آواز۔ تجنیس خطی۔ (ف) تحریر میں دو مختلف المعنی لفظوں کا ایک ہی طرح لکھا جانا۔ جیسے علم و عَلَم۔" (نور، 2006: 1017۔1018)

مولوي نور الحسن نير، تجنيس جي وضاحت ۾ ’خطيءَ‘ بابت پڻ ٻڌائي ويو آهي، جنهن جا مثال: ’عِلم‘ ۽ ’عَلَم‘ ڏنا اٿس. دراصل اهي مثال ’خطيءَ‘ جا ناهن بلڪ ’تجنيس ناقص‘ جا آهن. جنهن صورت ۾ لغتن جي ڇنڊڇاڻ نه ٿي ٿئي ان صورت ۾ اهڙيون غلطيون رهجي ٿيون وڃن.

’فيروز اللغات‘ عربي- اردو جي مدد سان ڄاڻايل اصطلاح جي لغوي اکيڙ رکجي ٿي:

تجنيس خطي:[تجنيس- تَفعِيل- مصدر (جَنّس = هو پچي راس ٿيو) جنسوار ڪرڻ، جنسي ترتيب ڏيڻ + خطي (خَطّ = هن ليڪ ڪڍي، هن لکيو) لکٽي، لکيل صورت] علم بيان موجب ڪنهن شعر ۾ اهڙا مختلف لفظ ڪم آڻڻ جن جي لکيل صورت ساڳي هجي ليڪن ٽٻڪن ۾ فرق هجي، جيئن: سحر، شجر، سخر وغيره.

مرزا قليچ بيگ، تجنيس خطيءَ بابت واضح ڪري ٿو ته: ”تجنيس خط: هن کي ’تصحيف‘ ۽ ’مشابه‘ به چوندا آهن. هن ۾ ربگو لفظ اهڙا ڪم ٿا اچن، جن جي صورت ۾ يعني لکڻ ۾ هڪجهڙا آهن، رڳو لفظن ۾ يعني پڙهڻ ۾ مختلف آهن.

رات ’تاريڪ‘، راھ تي ’باريڪ‘،
مور ’ناتين‘ ڪي نہ هو ’تاتين‘،
’دشت‘ ۾ ’دست‘ ان جو ڪونہ وٺي،
هن ڪي ’تاڙين‘ پر نہ ٽا ’تارين‘.
’عيادت‘ شڪل ۾ آهي ’عبادت‘،
مگر اٺ پيرا ان کان ٽي زيادت.
(مرزا، 2016: 99)

ظفر عباسيءَ پڻ ساڳي عبارت اتاري ۽ مثال بہ ساڳيا چونڊي ڏنا آهن. (ظفر، 2007: 415) مرزا صاحب ۽ ظفر عباسيءَ جي ڄاڻائڻ موجب ’تاريڪ - باريڪ‘ ۽ ’عيادت - عبادت‘ جي لکڻ جي نسبت اکر جا گهر ساڳيا آهن، ليڪن ٽٻڪن ۾ فرق آهي. يعني مذڪوره اکرن جا گهر ساڳيا آهن، ليڪن ٽٻڪن جي مٽجڻ سان آواز مختلف ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاھ پنهنجي ٿيسز ۾ تجنيس حرفيءَ ۽ خطيءَ کي ساڳي صنعت ڄاڻائيندي لکي ٿي تہ: تجنيس حرفي يا خطي: جيڪڏهن ڪنهن جملي يا مصرع ۾ ساڳئي حرف سان شروع ٿيندڙ لفظن جو استعمال ٿئي تہ اهڙي لفظي تڪرار واري صنعت، تجنيس حرفي يا خطي سڏبي. شاھ لطيف جي ڪلام ۾ هن صنعت جو تمام گھڻو استعمال ٿيو آهي. هن جي ڪري شعر جي ترنم ۾ بہ واڌارو ٿئي ٿو. شاھ سائينءَ جي سُر ڪلياڻ جو پهريون بيت آهي:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراھ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

هت پنجن ئي مصرعن ۾ جدا جدا اکرن سان شروع ٿيندڙ لفظن جو مڪرر استعمال ٿيو. پهرين مصرع ۾ ’الف‘ ۽ ’ع‘ (ساڳئي آواز جو)، ٻي مصرع ۾ ’ق‘ جو،

ٽين مصرع ۾ ’و‘ ۽ ’ر‘ جو چوٿين ۾ ’س‘ ۽ ’ح‘ جو ۽ پنجين مصرع ۾ ’ڪ‘ ۽ ’ج‘ سان شروع ٿيندڙ لفظن جو تڪراري استعمال ٿيو.“ (ڪلثوم، 2004: 22-23)

ڊاڪٽر صاحبه تجنيس حرفيءَ جي وضاحت مناسب ڪئي آهي، البت ’حرفي ۽ خطي‘ کي ساڳي تجنيس ڪوٺيو آهي، جن جي دائرن جي پاڻ ۾ ويجهڙائپ ناهي، سواءِ پهرين اکر/ آواز ساڳئي هجڻ جي!

مرزا صاحب جي ڄاڻايل مثالن ۾ ’عيادت- عبادت‘ تجنيس خطيءَ جو آهي، ليڪن پهرين اکر/ آواز جي نسبت ان کي ’تجنيس حرفيءَ‘ جو جز به تصور ڪري سگهجي ٿو. ليڪن تجنيس خطيءَ جي مثال: ’تاريڪ- باريڪ‘ کي پهرين اکر/ آواز جي تبديليءَ سبب ’تجنيس حرفيءَ‘ جو جز به نه ٿو تصور ڪري سگهجي.

مٿين مثالن بعد اچرج وٺي ٿي ته جڏهن ’تجنيس حرفي ۽ خطي‘ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي ته پوءِ ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه پاران ’تحقيقي مقالي‘ ۾ اصطلاح (Terms) جي پيراميٽر بابت اهڙي گمراهه ڪندڙ ڳالهه ڪيئن ڪئي وئي!

## تجنيس خطيءَ جو دائرو:

تجنيس خطيءَ بابت ’جامع سنڌي لغات‘ ۽ مرزا قليچ بيگ جي مثالن سوڌي وضاحت مناسب ۽ درست ڏنل آهي. ڏسيل ڇال کي سمجهڻ لاءِ سنڌي آئيويٽا جي بنيادي شڪل وارن اکرن جي مماثلت کي نظر ۾ رکڻ لازمي آهي:

- ’ب‘ اکر جي پيڙهيءَ وارا ٻيا به اکر آهن، جهڙوڪ: ’ٻ، ڀ، ت، ٿ، ٺ، ٽ، ث، پ‘ ان خيال کان ’ب‘ ان جي بنيادي صورت آهي ۽ ٻيا اکر ان جي هم شڪل آهن. همزي (ء) جي شروعاتي ۽ وچين اکري صورت (ئ، ـئـ) به ان زمري ۾ اچي سگهي ٿي.
- ’ح‘ جي شڪل جهڙا ٻيا اکر ’ج، ڄ، ڃ، چ، ڇ، خ‘ به آهن، يعني ’ح‘ ان جي بنيادي شڪل آهي، جنهن ۾ ٽٻڪن جو استعمال ڪري ٻيا اکر لکيا ويندا آهن.
- لکت جي لحاظ کان ’د‘ اکر جهڙيون ٻيون صورتون، ٽٻڪن جي فرق سان، ’ڏ، ڌ، ڊ، ڍ، ذ‘ ٿين ٿيون.

✍ 'ر' جي بنيادي شڪل جهڙا ٻيا اڪر ٻه آهن: 'ڙ ز'، صرف ٽٻڪن جو فرق آهي.
✍ 'س' ۽ 'ش' اڪرن جو بنيادي گهڙُ ساڳيو ٿئي ٿو.
✍ 'ص' ۽ 'ض' ٽٻڪي جي فرق سان، ساڳئي گهير جو اڪر آهي.
✍ ٽٻڪي جي فرق سان 'ط' ۽ 'ظ' اڪرن جي لکت ساڳي رهي ٿي.
✍ 'ع' ۽ 'غ' اڪرن جي بنيادي صورت ساڳي آهي.
✍ 'ف' ۽ 'ق' جي شڪل، ٽٻڪن کان سواءِ ساڳي آهي.
✍ 'ن' ۽ 'ڻ' اڪر جي گهڙ کي ٻه سنڌي آئيويتا جي نسبت، 'ٽٻڪي ۽ 'ننيڊڙي ط' جي فرق سواءِ، ساڳيو سمجهڻ گهرجي.
✍ ملفوظي 'ھ'، 'وسرڳي ھ' ۽ مختفي ه (ہ، ـ ۽ .ہ) کي الڳ صوررتون سمجهڻ گهرجن.

ان کان سواءِ اڪرن جي چئن صورتن (سالم، شروعاتي، وچين ۽ آخري) نسبت، ڪي اڪر اهڙا ٻه آهن جن جون ڪي صورتون ٻين اڪرن سان ملي سگهن ٿيون ۽ ڪي صورتون نراليون ٿي بيهن ٿيون، اهڙي چنڊڇاڻ ڪندي، اڪري ورڇ هيٺين ريت ڄاڻائجي ٿي:

✍ 'ن' جي شڪل وارو اڪر 'ڻ' آهي، ليڪن ٻنهي اڪرن جي سالم ۽ آخري صورت کان سواءِ شروعاتي ۽ وچولي شڪل ساڳي 'ب/ ٻ/ پ/ ت/ ٿ/ ٽ/ ٺ/ ث/ ڀ' واري ٿئي ٿي. اهڙي صورت ۾ 'ن' جي شڪل کي ٽٻڪن جي بنياد تي، 'ب وغيره' ۽ 'ڻ' ٻنهي سان ساڳيو سمجهي سگهجي ٿو جيئن: ٻـ - نـ - ڻـ ۽ ـٻـ، ـنـ، ـڻـ، وغيره
✍ 'ف ۽ ق ' ساڳي شڪل جا اڪر آهن، البت، 'ق' جي شروعاتي ۽ وچين شڪل 'ف ۽ ڦ' سان ملي ٿي، جيئن: فـ - ڦـ - قـ ۽ ـفـ - ـڦـ - ـقـ، جڏهن ته 'ق' جي سالم ۽ آخري شڪل 'ف ۽ ڦ' کان مختلف بيهندي آهي.
✍ 'گ، ڳ ۽ ڳ' جون بنيادي شڪليون ساڳيون بيهنديون، ليڪن ساڳي بنيادي شڪل وارو 'ڪ' جو اڪر صرف مٿين ترڇين ليڪن سبب فرق رکندو. هنن ٻن

ترچين ليڪن ۽ هڪ ترڇي ليڪ جي بنياد تي شڪل ۽ صورت الڳ الڳ تصور ڪئي ويندي.

✍ 'ي' اکر جي شروعاتي ۽ وچين شڪل ساڳي 'ب' وارن اکرن واري بيهي ٿي، جيئن: 'بـ- يـ ۽ بـ- يـ'. البت 'ي' جي سالم ۽ آخري شڪل الڳ ٿي بيهندي آهي ۽ انهن جي 'ب' وارن اکرن سان هم شڪلي نہ ٿيندي.

مٿين معيارن جي بنيادن تي اها ڳالهہ وري ورجائجي تہ اهڙا ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ لفظ جيڪي بنيادي صورت ۾ ساڳيا هجن، ليڪن ٽپڪن جو فرق هجي تہ ڪنهن شعر ۾ انهن جي استعمال واري ڪاريگريءَ کي 'تجنيس خطي' ڪوٺبو.

## مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس خطيءَ جو جائزو:

مولوي صاحب جيئن تہ شاعريءَ جي فن جو وڏو جراح ڪاريگر هيو، ان سبب هن جا خطيءَ جي دائري ۾ بہ ضرور ڪي شعر رچايل هوندا. اندازو آهي تہ 'تجنيس خطيءَ' جي دائري هيٺ ضرور سندس هڪ مڪمل غزل هوندو پر وقت جي ستم ظريفين سبب سندس ڪلام جو ڪجهہ حصو ضايع ٿي ويو آهي. تنهن هوندي بہ سندس موجود ڪلام مان چند مثال ملن ٿا. هڪ غزل جي بند ۾ هي مثال ملي ٿو تہ:

هيل تائين حال مسڪين، خال مُشڪينَ جي مثال،
هُت نہ ڪو هرگز ٿيڻ، حالي حواليءَ لاءِ وَجهہُ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 190)

هڪ ئي سٽ يا شعر ۾ اهڙي خطيءَ جي صورت وارن مختلف لفظن کي پيٽي، 'تجنيس خطي' سڏبو آهي. هن شعر ۾ 'حال مسڪين' ۽ 'خال مشڪين' جي خطيءَ واري صورت/ لکت ساڳي آهي، ليڪن ٽپڪن/ نقطن ۾ فرق آهي. اهو عجيب اتفاق آهي يا مولوي صاحب جي حرفت جو ڪمال آهي، جو ساڳي سٽ ۾ ٻئا لفظ تجنيس خطيءَ نسبت ڪم آندا اٿس.

## مولوي احمد جي غزليات مان تجنيس خطيءَ جا چونڊ شعر:

مولوي صاحب جا چند شعر، تجنيس خطيءَ جي خيال کان خيال خاطر رکجن ٿا:

مَنجِ ڪِينَ مُون سان مِٺا يار ياري،
اَٿم تانگهه تُنجي، طلب تار تاري.
(ڪليات احمد، پاڳوپهريون - 305)

ڄاٽايل شعر ۾ 'يار - ياري' ۽ 'تار - تاري'، ٽبڪن جي فرق سان ساڳي خطيءَ واري صورت جا لفظ آهن.

بي غرضَ، بَر ۾ بيهاريَئي، هو عرض پَر ۾ بيهار،
داد جو دستور ڏارڻ، آهه ايءَ ڏاڍو عجيب.
(ڪليات احمد، پاڱو پيون - 110)

مٿئين شعر ۾ 'غرض' ۽ 'عرض' ساڳي خطيءَ واري صورت جا لفظ ڪم آندل آهن، صرف نڪتي جو فرق آهي.

لهي اَٽڪاءُ ڪِنهين اَٽڪل، سَنڌيون سَپ سُور، سِينون سَل،
هُجي سِيني تي سِينو شَل، هُجي پِٽ ساڻ پِٽ پِٽ پِٽ.
(ڪليات احمد، پاڱو پيون - 122)

ان شعر ۾ 'سَل' ۽ 'شل' تجنيس خطيءَ جو مثال آهي.

ٿو شُمارين شراب جنهن کي هِت،
سو سِپو سُج سراب عين بعين.
(ڪليات احمد، پاڱو پيون - 437)

ڄاٽايل شعر ۾ 'شراب' ۽ 'سراب' ساڳي خطيءَ واري صورت جا لفظ ڪم آندل آهن، صرف ٽبڪن جو فرق آهي.

درويش هو يا دولتي، محبوب هو يا محبتي،
مهندار هو يا محنتي، سگهجي سجاڻي هاڻ ڪيئن؟
(ڪليات احمد - ڀاڱو پهريون - 401)

ڇاڻايل شعر ۾ 'محبتي' ۽ 'محنتي' ساڳي خطيءَ واري صورت جا لفظ ڪم آندل آهن، صرف ٽٻڪي جو فرق آهي.

ڪات ڪهڙا، ڪاٿ ڪهڙا، جي ڪرين ڪاوڙ قريبَ،
قتل لئي ڪاريون اکيون بس، قيد ڪاڪُل واهہ جو.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون - 462)

مٿئين شعر ۾ 'ڪات' ۽ 'ڪاٿ' ساڳي صورت جا لفظ آهن، ليڪن ٽٻڪن جو فرق آهي، ان سبب ان کي تجنيس خطيءَ ۾ شمار ڪبو.

اَسان ڪُن ۾ ڪَلر ڪاري، ڳندا ڀيا هِت ڳَڪر ڪارُون،
ڀريو ٽربر مٿي باران، بارو بار ڀيا ايندا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون - 44)

ان شعر ۾ 'ٽر' ۽ 'بر' تجنيس خطيءَ جا مثال آهن.

وِڇوڙي ۾ وِڏئي والي! ڀُٽان بيمار بي حالي،
ڪِجان ڪامان ڏِسيو خالي، اڳيان دِلبر! سَندئي ديرا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون - 59)

ڇاڻايل شعر ۾ 'حالي' ۽ 'خالي' تجنيس خطيءَ جا مثال آهن.

سال گُذريا، شال گڏجن! ڪنهن گهڙي تہ بہ پنهنجي سوپ،
ڏينِ مَن مُهٽا بہ مِهٽا، مُنهن چَڙهي تہ بہ پنهنجي سوب.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون - 116)

ان شعر ۾ 'سال' ۽ 'شال' تجنيس خطيءَ جا مثال آهن.

دار دُنيا جي ڪان ٿيندو ڏار ڪو اڄ، ڪو صُباح،
لوڙه ۾ لاشڪ رهي لاچار، ڪو اڄ، ڪو صُباح.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون - 204)

مٿئين شعر ۾ ’دار‘ ۽ ’ڏار‘ ٽٻڪن جي فرق سان، ساڳي صورت جي بنياد تي تجنيس خطيءَ جو مثال آهي.

خَلق مُنهنجي خُون پُنيان، خان! خَطرو جان ناهِ،
راڄ ساري کي رَسان، جي رَس ٽِيبين ٽُون هيڪڙو.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون - 482)

ان شعر ۾ ’خان‘ ۽ ’جان‘ ساڳي خط وارا لفظ هجڻ سبب تجنيس خطيءَ جو مثال سڏبو.

سَڄيون سالُون سِڪان ساريان، ڳڀان ٻاڦون تہ وَڻ ٻاريان،
مَگر آئون، مُحب مُنهنجا!مَگر ۾ ڏينهن گُذاريان ٿو.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون - 460)

مٿئين شعر ۾ ’مگر‘ ۽ ’مڱر‘ تجنيس خطيءَ جو مثال آهي.

ڏِنم ڏُونگر پَٽِي ڏُک سُور ڏاڍا،
لڳيَم صُورت سَفر سَٽ مَٽ سَقر سان.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون - 377)

ان شعر ۾ ’سفر‘ ۽ ’سقر‘ ٽٻڪن جي فرق سان، ساڳي صورت سبب، تجنيس خطيءَ جو مثال سڏبو.

شَڪر چِڏيَم، سَڪر گُهرجيم سُهڻا،
شَڪر شِيرين بہ سَريَم پوءِ سَڪر سان.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون - 377)

ان شعر ۾ ’شڪر‘ ۽ ’سڪر‘ تجنيس خطيءَ جو مثال آهي.

## مولوي احمد جي نظمن مان تجنيس خطيءَ جا چونڊ شعر:

ڪِينَ مان ٿُون ڳَڻين ڳرين، ’ڪُن‘ ساڻ قادر قُدرتي!
جَبل ۾ جَبار! ٿُون، جوڙين جواهر زينتي،
مَنجهہ عَجب آئون پَوان، اِسرار ڏِسيو عِبرتي،
آهي توکي هَر هَميشہ، حَمد حادي حِڪمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
ٿُون مَتَم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!
(ڪليات احمد - ياڳو پهريون - 216)

مٿئين نظم جي بند ۾ قافين جي شڪل ۾ ’زحمتي‘ ۽ ’رحمتي‘ تجنيس خطيءَ جو مثال آهي.

’تي‘ تَبارڪ رَب تَعاليٰ، تَرڪ تُرڪن ڪِيم ڪَر،
تِير بازي، توف جي، تون ڪا ڪَڻن تعليم ڪَر،
تخت تابع، بخت طالع، تن عطا تعظيم ڪَر،
عدوءَ جي آفيسرن تي، آفتون آفيم ڪَر،
وِجهہ مَنجهن ڪي موت مارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.
(ڪليات احمد - ياڳو پهريون - 265)

مٿئين نظم جي بند ۾ ’تخت‘ ۽ ’بخت‘ تجنيس خطيءَ جو مثال آهي.

’ضاد‘ ضِد ڪي ڇَڏ ضرُوري، ضُعف پنهنجو ڏِس ضَعيف،
ڇا هَلن ٿُنهنجون هَلائون، ويا هَليا ٿُنهنجا حَليف،
حَرف سَڀ هيڏي، نہ هَلندئي حَرف هُت هَرگز حَريف،
ڇيٽ ڏاري چوٽ توکي، يا خَرابي مَنجهہ خَريف،
خاڪ ۾ خاصو ڪِ خَس، اَللہ بَس، باقي هَوَس.
(ڪليات احمد - ياڳو پهريون - 246)

ان نظم جي بند ۾ ’حريف‘ ۽ ’خريف‘ تجنيس خطيءَ جو مثال آهي.

’زي‘ زِيادہ زور زوري، ناهي زاريءَ ري ذَرو،
ڏي سَندو تَوفيق تُرهو تار جو وَرتم تَرو،
شام سارو سام تُنهنجي، رک سَلامت تِن سَرو،
مُشرڪن ۽ مُلحدن کي، چَئو تہ اَي مُنڪر! مَرو،
هَت اَتان خالي خَسارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.
(ڪليات احمد - پاڳو پهريون - 267)

ان نظم جي بند ۾ ’شام‘ ۽ ’سام‘ تجنيس خطيءَ جو مثال آهي.

## مولوي احمد جا تجنيس خطيءَ نسبت قافيا:

مولوي صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙا قافيا بہ ڪم آندا آهن، جيڪي تجنيس خطيءَ جي دائري ۾ اچن ٿا:

ڪري تُرهو تَوڪل تار، تَر اِيئن جيئن تَرڻ گهرجي،
پريان سان پَت لنگهي پاتار، پَر ايئن جيئن پَرڻ گهرجي.
انڌاريءَ رات، اُونهان ڪُن، ٻيا وِڪ وِڪ مٿي واڳهُو
سُونهون ٿي سِيرَ ۾ وک يارَ پِر ايئن جيئن پِرڻ گهرجي.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون - 526)

جاٽايل غزل جي مطلع ۽ بند ۾ ٻڌا قافيا: ’تر ۽ ترڻ‘، ’پَر ۽ پَرڻ‘، ’پِر ۽ پِرڻ‘ پڻ تجنيس خطيءَ جا مثال آهن، جيئن: ’تَر، پَر ۽ پِر جي بنيادي صورت ساڳي آهي ۽ ’تَرڻ، پَرڻ ۽ پِرڻ‘ جي بنيادي صورت ساڳي آهي. ان سبب اهڙي پيٽ جي بنياد تي ان حرفت کي تجنيس خطيءَ جو استعمال سڏبو.

جُدائيءَ کان وري جاني! پيم جولان ۾ جيرا،
اڱوٺيان پڻ اندر آڳون، اُٿيون لائي اندر ڇيرا.
(ڪليات احمد، پاڳو ٻيون - 59)

مٿينءَ مطلع ۾ ’جيرا‘ ۽ ’جيرا‘ ٻنهي جي فرق سان, ساڳي صورت نسبت تجنيس خطيءَ جو مثال سڏبو.

مولوي صاحب جو قافين ۾ اهڙو تجنيس خطيءَ جو استعمال تہ ڪافي ملي ٿو هڪ ٻيهہ اکري نظم جي بند کي ئي ڏسي وٺو تہ جنهن جي قافين ۾ تجنيس خطيءَ جو استعمال ڪيو اٿس:

’يي‘ يَقيناً سوئي يڪسر, يار ياور پڻ يَڪو
ٻيا ڏني تي ڏين, هو ڏئي ڏيهہ کي ڏيٺو نڪو
سج هلائڻ تي هُجي, ڪُل جَڳ تہ ٿوريءَ تي ٿَڪو
سڀ سنڀالي هيڪ هُو جيئن تنهنجي هٿ ۾ هڪ ٽَڪو
ڪوڙ ٻيا ڪوڙين نہ ٻڌندس, قلب ۾ ڪلمو پَڪو
قلب ۾ ڪلمو پڪو ٻي ڪار سمجهي ڇا سگهان.
(ڪليات احمد - ياڳو پهريون - 234)

’يڪو‘, ’نڪو‘, ’ٿڪو‘, ’ٽڪو‘ ۽ ’پڪو‘ جا لفظ اهڙا آهن, جن جي بنيادي صورت ساڳي آهي, جنهن سبب انهن کي تجنيس خطيءَ جي مثالن ۾ شمار ڪبو. حاصل مطلب تہ مولوي صاحب جي شاعري, صنايع بدايع جي خيال کان, تمام شاهوڪار آهي. هڪ ئي شعر ۾ تجنيسن جا مختلف رخ جاچي سگهجن ٿا. شاعريءَ ۾ حرفت جا مثال مولوي صاحب جي شاعريءَ کان وڌ ڪٿي بہ نہ ٿا ملن.

## حاصل مطلب/ نتيجو:

تجنيس خطيءَ جي دائري نسبت مولوي احمد جي شاعريءَ مان حوالا گڏ ڪيا ويا آهن. حاصل مطلب نڪتن جي حالت ۾ هيٺ پيش ڪجي ٿو:

- تجنيس خطيءَ ۽ حرفيءَ جي دائرن ۾ فرق آهي. خطيءَ جو تعلق ٻنهي جي فرق سان لکت جي ساڳي صورت کي چئبو آهي, جيئن: عرض - غرض; جڏهن تہ حرفيءَ جو لاڳاپو ڪنهن شعر يا سٽ ۾ ڪم آندل لفظن جي ساڳئي حرف سان آهي, جيئن: تارا تُفنگ تير تَبر تِر تِروڪڙيون, ڇوڙين ٿو بي گناهہ تي بَم بَم نوان نوان.

- تجنيس خطيءَ جا اهڙا مثال جن جا پهريان حرف ساڳيا هجن تہ ان صورت ۾ اهو تجنيس خطي ۽ حرفيءَ جو گڏيل مثال ٿي سگهي ٿو جيئن: ڪات ۽ ڪاٺ.
- تجنيس خطيءَ مان مراد صرف اهڙا پيٽ جي حالت ۾ لفظ، جن جي لکت واري صورت ساڳي هجي، ليڪن تبڪن ۾ فرق هجي، جيئن: حال مسڪين - خال مشڪين.
- مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس خطيءَ جا مثال، شعرن ۾ هجڻ ڪان علاوه قافين ۾ بہ ملن ٿا.
- مولوي صاحب جي شاعريءَ مان جيڪي لفظ تجنيس خطيءَ جي نسبت نوٽ ڪيا ويا آهن، سي هن ريت آهن: 'حال مسڪين' ۽ 'خال مشڪين'، 'يار- ياري' ۽ 'تار- تاري'، 'غرض' ۽ 'عرض'، 'سَل' ۽ 'شل'، 'شراب' ۽ 'سراب'، 'محبتي' ۽ 'محنتي'، 'ڪات' ۽ 'ڪاٺ'، 'تر' ۽ 'بر'، 'حالي' ۽ 'خالي'، 'سال' ۽ 'شال'، 'دار' ۽ 'ڏار'، 'خان' ۽ 'جان'، 'مگر' ۽ 'مگّر'، 'سفر' ۽ 'سقر'، 'شڪر' ۽ 'سڪر'، 'زحمتي' ۽ 'رحمتي'، 'تخت' ۽ 'بخت'، 'حريف' ۽ 'خريف'، 'شام' ۽ 'سام'، 'تر ۽ ترڻ'، 'پَر ۽ پَرڻ'، 'پِر ۽ پِرڻ'، 'جيرا' ۽ 'ڇيرا'، 'يڪو'، 'نڪو'، 'تڪو'، 'ٽڪو' ۽ 'پڪو'.

## حوالا:


1. ام ڪلثوم شاهہ، ڊاڪٽر (2004)، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهہ نگاريءَ جو تحقيقي جائزو، ڪراچي يونيورسٽي: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر.
2. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، (1981)، جامع سنڌي لغات. جلد: 2. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
3. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2004) نئين جامع سنڌي لغات: جلد پهريون. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

4. رستماڻي ضرار، پروفيسر، (2017)، ڪليات احمد (مولوي احمد ملاح)، ياڳو پهريون ۽ ٻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
5. عباسي ظفر، (2007)، سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
6. فيروزالدين، (1979)، فيروز اللغات - عربي اردو. لاهور: فيروز سنز لميٽيڊ.
7. مرزا، قليچ بيگ، (2016)، علم عَروض. ڄامشورو: مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي.
8. نور الحسن نير، مولوي، (1972- 2002)، نور اللغات. جلد اول. اسلام آباد: نيشنل بُڪ فائونڊيشن.